رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

# فاروقِ اعظم جا نرالا شانَ

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

**27-June-2025**

## جمعة المبارڪ جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
27 جون، 2025ء (متوقع مُحرمُ الحرم، 1446ھ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جا نرالا شانَ

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

✿... بيتُ المُقَدَّس ڪيئن فتح ٿيو...؟

✿... فاروقِ اعظم جو مضبوط قلعو

✿... اي محشر وارؤ! هي عُمر آهن...!!

✿...هڪ مفڪر انگريز جو عبرتناڪ جواب

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: بيشڪ دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رڪيل رهي ٿي، ان مان ڪا به شيءِ مٿي ناهي ويندي، جيستائين توهان پنهنجي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي درود نه پڙهو.[1]

دُعا کے ساتھ نہ ہووے اگر درود شریف
نہ ہووے حشر تلک بھی بر آورِ حاجات
قبولیت ہے دُعا کو درود کے باعِث
یہ ہے درود کی ثابت کرامت و برکات[2]

وضاحت: يعني دعا سان گڏ درود نه پڙهيو وڃي ته دعا قيامت تائين به قبول نه ٿيندي، دعا درود پاڪ جي صدقي ئي قبول ڪئي ويندي آهي، درود پاڪ جي اها عزت ۽ برڪت روايتن مان ثابت آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...ترمذی، ابواب:الوتر، صفحہ:145، حدیث:486۔

[2]...کافی کی نعت، صفحہ:41۔

مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰہِ ؕ وَ الَّذِیۡنَ مَعَہٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَی الۡکُفَّارِ رُحَمَآءُ بَیۡنَہُمۡ تَرٰىہُمۡ رُکَّعًا سُجَّدًا یَّبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنَ اللّٰہِ وَ رِضۡوَانًا ۫ سِیۡمَاہُمۡ فِیۡ وُجُوۡہِہِمۡ مِّنۡ اَثَرِ السُّجُوۡدِ ؕ ذٰلِکَ مَثَلُہُمۡ فِی التَّوۡرٰىۃِ ۚۖۛ وَ مَثَلُہُمۡ فِی الۡاِنۡجِیۡلِ ۚ۟ۛ

صَدَقَ اللّٰہُ الۡعَظِیۡم وَصَدَقَ رَسُوۡلُہُ النَّبِیُّ الۡکَرِیۡم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپاري: 26، سورت فَتح، آيت: 29 جو ڪجھ حصو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ ڪريمه ۾ الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي جان نثار صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي سڃاڻپ ڪرائي آهي، فرمايو:

مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰہِ ؕ وَ الَّذِیۡنَ مَعَہٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَی الۡکُفَّارِ رُحَمَآءُ بَیۡنَہُمۡ تَرٰىہُمۡ رُکَّعًا سُجَّدًا یَّبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنَ اللّٰہِ وَ رِضۡوَانًا ۫ سِیۡمَاہُمۡ فِیۡ وُجُوۡہِہِمۡ مِّنۡ اَثَرِ السُّجُوۡدِ ؕ (سيپارو: 26، سورت فتح: 29)

ترجموڪنزُالعرفان: محمد الله جا رسول آهن ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي سخت، پاڻ ۾ نرم دل آهن. تون انهن کي رڪوع ڪندي، سجدا ڪندي ڏسندين، الله جو فضل چاهن ٿا، ان جي علامت انهن جي چهرن ۾ سجدن جي نشان سان آهي.

هي صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا 5 اعليٰ وصف بيان ٿيا آهن: صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان اهي بلند رتبي وارا ماڻهو آهن جو (1): جيڪي ڪافرن تي تمام سخت آهن (2): پاڻ ۾ تمام نرم دل آهن (3): ڪثرت سان نمازون پڙهندا آهن، ڪڏهن سجدا ڪندا آهن، ڪڏهن رڪوع ڪندا آهن (4): ۽ عبادت به اهڙي شاندار ڪندا آهن جو ان ۾ ذري برابر به رياڪاري ناهي هوندي، هي ڏيکاءُ ناهن ڪندا بلڪ سندن مقصد صرف ۽ صرف الله پاڪ جو فضل ۽ ان جي رضا آهي (5): وڏيڪ صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان اهي هستيون آهن جو سندن چهرن تي سجدن جا نشان ۽ عبادت جو نور نظر ايندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضْوَان جا هي 5 اعليٰ وصف ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ فرمايو:

ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۚۖۛ وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۚۛ (سيپارو: 26، سورت فتح: 29)

ترجموڪنزُالعرفان: هي انهن جي صفت تورات ۾ (مذڪور) آهي ۽ انهن جي صفت انجيل ۾ (مذڪور) آهي.

الله! الله! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضْوَان جي ڪيڏي نہ نرالي شان آهي، ڏسو! اسان جڏهن دنيا ۾ آيا ئي نہ هئاسين، ان وقت اسان کي ڪو بہ نہ سڃاڻيندو هو، اسان کي ڪنهن خواب (Dream) ۾ بہ نہ ڏٺو هوندو، پوءِ جڏهن اسان دنيا ۾ اچي وياسين، تڏهن بہ گهر وارا، عزيز مائٽ ۽ ڪجهہ محلي وارا ئي اسان کي سڃاڻيندا هئا، هاڻي جڏهن اسان وڏا ٿي ويا آهيون، هاڻي بہ اسان کي سڃاڻڻ وارا ٿورا ماڻهو آهن، ڪنهن جا سَوَن ۾ هوندا، ڪنهن جا هزارن يا لکن ۾ هوندا پر قربان وڃجي! پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن پيارن صحابہ ڪرام جي نرالي شان آهي، هي حضرات اڃا دنيا ۾ آيا بہ نہ هئا، ان کان صديون اڳ سندن تذڪرا دنيا ۾ موجود هئا، پوئين آسماني ڪتابن مثال طور تورات شريف ۾، انجيلِ مُقَدَّس ۾ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضْوَان جا اوصاف ۽ ڪمالات لکيل هئا، ماڻهو انهن کي سڃاڻيندا بہ هئا، سندن ذڪرِ خير بہ ڪندا هئا ۽ هي ذڪر بہ ڪو عام ذڪر نہ هو بلڪ الله پاڪ جي ڪلام ۾ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضْوَان جي ذڪرِ خير جي باقاعده تلاوت ڪئي ويندي هئي ۽ ماڻهو ثواب جي اميد تي سندن ذڪرِ خير ڪندا هئا.

خيال رهي! پوين آسماني ڪتابن ۾ ماڻهن پنهنجي مرضيءَ مطابق تحريف (يعني تبديلي) ڪري ڇڏي هئي، انهيءَ ڪري انهن آسماني ڪتابن کي پڙهڻ هاڻي درست ناهي. البتہ ماڻهن جي تحريفن جي باوجود انهن ڪتابن ۾ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضْوَان جا تذڪرا موجود هئا.

ہر صحابیٔ نبی! جنّتی جنّتی — سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی — حضرتِ صدیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی! جنّتی جنّتی — عثمانِ غنی! جنّتی جنّتی
فاطِمہ اور علی! جنّتی جنّتی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ پهرين مُحرم الحرام تي يومِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ملهايو ويندو آهي ۞ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا تمام پيارا صحابي آهن ۞ پاڻ مسلمانن جا ٻيا خليفا آهن ۞ دنيا ۾ سلطانِ دو جهان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا خاص وزير آهن ۞ الله پاڪ کين نهايت ئي اعليٰ شان عطا فرمايا آهن. يقينًا ٻين صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان وانگر تورات ۽ انجيل ۾ سندن بہ ذڪرِ خير موجود هو، انهن ٻوين آسماني ڪتابن ۾ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جا ڪهڙا ڪهڙا شان بيان ٿيا، اچو! هن حوالي سان ڪجھ روايتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا:

## ديني احڪام لاڳو ڪرڻ ۾ سختي ڪندڙ حاڪم

هڪ ڀيري مسلمانن جا ٻيا خليفا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ پادريءَ کان پڇيو: هَلْ تَجِدُوْنَا فِيْ شَيْءٍ مِّنْ كُتُبِكُمْ يعني ڇا توهان جي ڪتابن ۾ اسان جي باري ۾ بہ ڪجھ لکيل آهي؟ پادريءَ ها ۾ جواب ڏنو، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پڇيو: كَيْفَ تَجِدُوْنِيْ مون کي پنهنجي ڪتابن ۾ ڪيئن ٿا ڏسو؟ پادريءَ چيو: قَرْنٌ مِّنْ حَدِيْدٍ يعني اسان جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ اوهان

لوهہ جو سڱ آهيو. پاڻ فرمايائون: لوهہ جو سڱ! ان جو ڇا مطلب آهي؟ پادري چيو: اَمِيْرٌشَدِيْدٌ يعني (ديني احڪام لاڳو ڪرڻ ۾) سختي ڪندڙ حاڪم. ان تي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي فرمايو: الله پاڪ سڀ ڪان وڏو آهي، سموريون تعريفون ان لاءِ ئي آهن.(1)

## اهلِ نجران جي گواهي

هڪ ڀيري اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ گهوڙي تي سوار ڪنهن هنڌ وڃي رهيا هئا، اوچتو سندن پني مبارڪ تان ڪپڙو هٽي ويو، اتفاق سان ساڳئي وقت اهلِ نجران (جيڪي ڪافر هئا، انهن) مان ڪنهن جي نظر سندن پني مبارڪ تي پئي، اتي ڪارو نشان هو، ان تي اهلِ نجران چيو: هٰذَا الَّذِیْ نَجِدُ فِیْ کِتَابِنَا یُخْرِجُنَا مِنْ اَرْضِنَا يعني هي اهو ئي شخص آهي جنهن بابت اسان جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هي اسان کي اسان جي زمين مان ڪڍي ڇڏيندو.(2)

الله اڪبر! اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! ڏٺو اوهان! پوئين آسماني ڪتابن ۾ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو ذڪرِ خير ڪيتري تفصيل سان موجود هو، ڪافرن صرف سندن پِني مبارڪ تي ڪارو نشان ڏٺو، انهيءَ مان ئي هو کين سڃاڻي ويا.

## بَيْتُ الْمُقَدَّس ڪيئن فتح ٿيو...؟

بَيْتُ الْمُقَدَّسْ جيڪو تمام مبارڪ شهر آهي، اهو پهريون ڀيرو حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي دورِ خلافت ۾ فتح ٿيو، ان جي فتح جو واقعو ڏاڍو حيران ڪندڙ آهي، ٿيو ايئن جو حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حضرت ابوعُبَيْدَہ بن جَرَّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي سپهہ سالار بڻايو ۽ هڪ لشڪر ڏئي

---

1...مناقب امير المؤمنين عمر بن الخطاب لابن الجوزی، الباب الرابع، فی صفة فی التوراة، صفحہ:15۔

2...مجمع الزوائد، باب مناقب عمر بن الخطاب، باب فی صفة، جلد:9، صفحہ:32، حديث:14400۔

بَيْتُ الْمُقدَّسْ ڏانهن روانو ڪيو، حضرت ابوعبيده بن جَرَّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ لشڪر سان گڏ بَيْتُ الْمُقدَّسْ پهتا، ڪافرن جي قلعي جو محاصرو (يعني گهيرو) ڪيو، تقريبن 4 مهينن تائين اها جنگ هلندي رهي پر ڪو نتيجو نہ نڪتو.

بَيْتُ الْمُقَدَّسْ ۾ ڪافرن جو هڪ وڏو راهب هو، هڪ ڏينهن اهو راهب قلعي جي پٽ تي چڙهيو ۽ حضرت ابوعُبَيْدَه بنْ جَرَّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي مخاطب ڪري چيائين: اسان هر حال ۾ توهان سان جنگ ڪنداسين، اسان جي شهر کي صرف هڪ ئي شخص فتح ڪري سگهي ٿو، ان جا وصف اسان جي ڪتابن ۾ لکيل آهن، توهان اهي ناهيو.

حضرت ابوعُبَيْدَه بن جَرَّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمايو: اهو ڪير هوندو؟ توهان جي ڪتابن ۾ ان جا ڪهڙا وصف لکيل آهن؟ راهب چيو: اهو مُحَمَّد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جو امتي هوندو، ان جو نالو عمر بن خطّاب هوندو، ماڻهو کيس فاروق چوندا، ديني معاملي ۾ نهايت سخت هوندا، الله پاڪ جي معاملي ۾ ماڻهن جي ملامت جي پرواهہ نہ ڪندا.

حضرت ابوعبيده بن جَرَّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ راهب جي اها ڳالهہ ٻڌي مرڪيا ۽ خوشيءَ سان فرمايائون: فَتَحْنَا الْبَلَدَ وَرَبِّ الْكَعْبَةِ يعني ربِ ڪعبہ جو قسم! اسان هي شهر فتح ڪري ورتو. پوءِ حضرت ابوعُبَيْدَه بنْ جَرَّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي خط لکي بَيْتُ الْمُقدَّسْ اچڻ جي عرض ڪئي، حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ تشريف وٺي آيا، اهو نصراني راهب حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي ڏسندي ئي سڃاڻي ويو ۽ هن پنهنجي قوم کي سڏي چيو: اي ماڻهو! هي اهي ئي آهن، جن جو ذڪر اسان جي ڪتابن ۾ آهي، اهي ئي اسان جو شهر فتح ڪندا.

پوءِ انهن ڪافرن بغير جنگ جي ئي بَيْتُ الْمُقَدَّسْ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي حوالي ڪري ڇڏيو.[1]

فارقِ حق و باطل امامُ الهُدیٰ | تيغِ مَسْلُولِ شدت په لاکهوں سلام

[1]...فتوح الشام ، ذکر فتح مدينة بيت المقدس، جلد:1، صفحہ:223-225-232ملتقطاً۔

حق ۽ باطل کان جدا ڪرڻ ۽ هدايت ڏيڻ وارا سچا امام حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان تلوار جيان آهن جيڪا اسلام جي حمايت ۾ سختي سان بلند ڪئي ويندي آهي سندن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تي لکين سلام هجن.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مسلمانن تي رحيم ۽ ڪريم آهن

حضرت ڪعبُ الْاَحْبَار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بلند رتبي وارا تابعي آهن. جڏهن بَيْتُ الْمُقَدَّسْ فتح ٿيو، ان وقت حضرت ڪعب الاَحْبَار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان پهرين ملاقات ٿي، ساڳئي وقت حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڪلمو پڙهي اسلام بہ قبول ڪيو..[1]

۽ انهيءَ موقعي تي حضرت ڪعب الاَحْبَار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ٻڌايو تہ الله پاڪ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي: اهڙا شهر جن ۾ بني اسرائيل جو رهائشگاهہ هوندو، انهن جي فتح هڪ اهڙي شخص جي هٿان ٿيندي *جيڪو نيڪوڪار هوندو * مسلمانن تي رحم ڪندڙ ۽ ڪافرن لاءِ دردناڪ (Painful) عذاب هوندو * ان جو ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو هوندو، ان جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نہ هوندو *پنهنجا ۽ پراوا سڀ ان جي نظر ۾ برابر هوندا *ان جا ساٿي راتين جو عبادت ڪندڙ *ڏينهن جو روزا رکندڙ ۽ *ماڻهن جا غمخوار هوندا.[2]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! هي سڀ صفتون حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جون بيان ٿي رهيون هيون * پاڻ نيڪوڪار بہ آهن * مسلمانن تي رحم ڪندڙ بہ آهن * عدل ۽ انصاف قائم ڪندڙ بہ آهن ۽ * پاڻ ئي اها هستي آهن جن ڪافرن جا شهر فتح ڪيا * ايتري قدر جو قيصر ۽ ڪِسريٰ جي محلاتن تي بہ اسلام جو جهنڊو بلند فرمايو.

اَشِدَّاءُ عَلَی الْکُفَّار کے مصداقِ اَعلیٰ ہیں | مُذِلِّ کُفر وطُغیاں حضرتِ فاروق اعظم ہیں
وہ عالَم دَبدبہ کا کانپتے ہیں قیصر وکسریٰ | ہے جن سے دین کی شاں حضرتِ فاروق اعظم ہیں[3]

1...فتوح الشام، ذکر مدينة بيت المقدس، جلد:1، صفحہ:233خلاصتاً۔
2...الرياض النضرة، الباب الثانی، الفصل التاسع، ذکر نبذة من فضائلہ، صفحہ:274۔
3...ديوانِ سالک، صفحہ:73-75۔

# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جهنم کان رڪاوٽ آهن

حضرت اُمِّ ڪلثوم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري ڏوهٽي يعني سيّده فاطمة الزهرا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا جي شهزادي آهي، پاڻ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي زوجيت ۾ هئي، هڪ ڏينهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڏٺو تہ حضرت اُمِّ ڪلثوم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھا زارو قطار روئي رهيون آهن، پاڻ روئڻ جو سبب پڇيو تہ زوجہ محترمہ عرض ڪيو: اي اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن! ڪعبُ الْاَحْبَار چئي ٿو تہ اوهان جهنم جي دروازي تي آهيو.

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اهو ٻڌي تہ سندن تي خوفِ خدا طاري ٿي ويو، پاڻ فوراً حضرت ڪعبُ الْاَحْبَار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي گهرايائون. حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حاضر ٿيندي ئي عرض ڪيو: اي اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن! مون تي جلدي نہ ڪريو! الله پاڪ جو قسم! ذوالحج جو مهينو ختم ٿيندي ئي اوهان جنت ۾ تشريف وٺي ويندا.

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اها ڳالھ ٻڌي تہ حيرت مان فرمايائون: اَیَّ شَیْءٍ ھٰذَا مَرَّۃً فِی الْجَنَّۃِ وَمَرَّۃً فِی النَّارِ؟ يعني اي ڪعب! هي ڪهڙي ڳالھ ٿي...؟؟ ڪڏهن چئو ٿا مان جهنم جي دروازي تي آهيان، ۽ ڪڏهن چئو ٿا مان جنتي آهيان؟ حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: وَالَّذِیْ نَفْسِیْ بِیَدِہٖ! اِنَّا لَنَجِدُکَ فِیْ کِتَابِ اللّٰہِ عَلٰی بَابٍ مِّنْ اَبْوَابِ جَھَنَّمَ تَمْنَعُ النَّاسَ اَنْ یَّقْعُوْا فِیْھَا، فَاِذَا مِتَّ لَمْ یَزَالُوْا یَقْتَحِمُوْنَ فِیْھَا اِلٰی یَوْمِ الْقِیَامَۃِ يعني اي اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن! ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! اسان الله پاڪ جي ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ اوهان جهنم جي دروازي تي آهيو ۽ ماڻهن کي جهنم ۾ ڪِرڻ کان روڪي رهيا آهيو، جڏهن اوهان دنيا مان تشريف وٺي ويندا تہ ماڻهو قيامت تائين جهنم ۾ ڪِرندا رهندا.(1)

---

1...ڪنز العمال، ڪتاب الفضائل، جز:12، جلد:6، صفحہ:256، حديث:35782۔

بھٹک سکتا نہیں ہرگز کبھی وہ سیدھے رستے سے
کرم جس بخت ور پر ہو گیا فاروقِ اعظم کا
خُدا کی خاص رحمت سے، مُحَمَّد کی عنایت سے
جہنّم میں نہ جائے گا، گدا فاروقِ اعظم (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اٺ! اي جهنم جي تالي جا پٽ!!...

پيارا اسلامي ڀائرو! ساڳئي مفهوم جي هڪ ٻي روايت بہ آهي، حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جيڪي بلند رتبي وارا صحابي رسول آهن، پاڻ تورات شريف جا وڏا عالم هئا، هڪ ڀيري پاڻ ڏٺائون تہ هڪ شخص چادر ويڙهي سُتو پيو آهي، پاڻ ڪيس پير سان لوڏي چيو: ڪير آهين؟ سمهڻ واري اٿي چيو: اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن (يعني حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) جو پٽ عبدالله بن عمر آهيان. ان تي حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: قُمْ يَا اِبْنَ قُفْلِ جَهَنَّم يعني اي جهنم جي تالي جا پٽ! اٿو! پنهنجي والدِ محترم بابت اهڙا لفظ ٻڌي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُما کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، پاڻ فوراً پنهنجي والدِ محترم حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ چيائون: ابا جان! حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اوهان کي جهنم جو تالو چون ٿا. حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي بہ اهو ٻڌي ڏاڍي حيرت ٿي، پاڻ فوراً حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وٽ تشريف وٺي آيا ۽ پڇيائون: اي ابنِ سلام! معلوم ٿيو آهي تہ اوهان مون کي جهنم جو تالو چئو ٿا؟ حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عرض ڪيو: جي ها! چيو آهي. پڇيائون: اوهان کي ڪيئن معلوم ٿيو تہ مان جهنمي آهيان؟ حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عرض ڪيو: مَعَاذَ الله! مون اوهان کي جهنمي نہ چيو آهي بلڪ جهنم جو تالو چيو آهي، مون کي منهنجي والد روايت ٻڌائي هئي تہ الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام فرمايو: امتِ محمد ۾ هڪ شخص

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:527۔

هوندو، ان کي ماڻهو عمر بن خطّاب چوندا، اهو سڀ کان بهتر دين وارو هوندو، ان جو يقين ڏاڍو پختو هوندو، جيستائين اهو دنيا ۾ رهندو انهن جو دين غالب رهندو، ماڻهو الله پاڪ جي رسي کي مضبوط پڪڙي رهندا، جهنم تي تالا لڳل رهندا، جڏهن عمر دنيا مان هليو ويندو تہ يقين ڪمزور پئجي ويندا، نيڪ ماڻهن جون زندگيون گهٽ ٿي وينديون، ماڻهو فرقن ۾ ورهائجي ويندا، تڏهن جهنم جا تالا کولي ڇڏيا ويندا ۽ ماڻهو ان ۾ ڪِرڻ لڳندا.[1]

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اسلام کي عزت ڏني

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! ڪيڏي نہ نرالي شان آهي، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اجا دنيا ۾ تشريف ڪٿي نہ آيا هئا، ان کان پهريان ئي جيڪي ماڻهو پوين آسماني ڪتابن جي تلاوت ڪندا هئا، آسماني ڪتابن جا عالم هئا، پهرين نبين جي ارشادن کي ڄاڻيندا هئا، انهن کي معلوم هو تہ امتِ مصطفيٰ ۾ هڪ شخص هوندو *ان جو نالو عمر بن خطّاب هوندو *ان جو دين بهتر ۽ يقين نهايت پختو هوندو *جيستائين اهو دنيا ۾ رهندو، دين غالب رهندو، ماڻهو جهنم کان بچيل رهندا ۽ جڏهن اهو دنيا مان هليو ويندو تہ جهنم جا تالا کولي ڇڏيا ويندا.

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي ٿورو دعاءِ مصطفيٰ جي اثر انگيزي بہ ڏسو! الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم دعا ڪئي هئي اَللّٰهُمَّ اَعِزَّ الْاِسْلَامَ بِعُمَرَ بْنِ الْخَطَّاب اي الله پاڪ! عمر بن خطّاب جي ذريعي اسلام جي عزت بلند فرماءِ.[2]

انهيءَ دعاءِ مصطفيٰ جي برڪت هئي جو جنهن ڏينهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اسلام قبول فرمايو، ساڳئي وقت مسلمانن خوشيءَ سان الله اڪبر جو نعرو لڳايو، جنهن جو آواز مڪہ مڪرمہ ۾ پري پري تائين ٻڌو

---

[1]...تاريخ دمشق، جلد:44، صفحہ:334۔

[2]...ابن ماجہ، فضل عمر رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ، صفحہ:31، حديث:105 ۔

ويو، ان ڏينهن مسلمانن پهريون ڀيرو مسجدِ حرام ۾ اعلانيه نماز ادا ڪئي، ان ڏينهن کان وٺي حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وصالِ ظاهري تائين اسلام جون عزتون بلند کان بلند تر ٿي ٿينديون ويون، اسلام پري پري تائين پکڙيو، عدل ۽ انصاف (Justice) جو بي مثال نظام قائم ٿيو ۽ ڪفار جي محلاتن تي به اسلام جو جهنڊو بلند ٿي ويو.

اي عاشقانِ رسول! هي آهي دعاءِ مصطفيٰ جو اثر...!! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جيستائين دنيا ۾ رهيا، اسلام جي عزت بلند کان بلند تر ٿي ٿيندي وئي پر افسوس! پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُجي وصال کانپوءِ مختلف فتنن ڪَرُ کڻڻ شروع ڪيو.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فتنن جو تالو آهن

هڪ ڀيري حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ملاقات ٿي، حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حضرت ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان هٿ ملايو ۽ پيار سان سندن هٿ مبارڪ دٻايو، ان تي حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چيو: دَعْ يَدِىْ يَا قُفْلَ الْفِتْنَةِ يعني اي فتني جا تالا! منهنجو هٿ ڇڏي ڏي.

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان جي وضاحت پڇي ته حضرت ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان کي ڏسي فرمايو هو: لَا تُصِيْبُكُمْ فِتْنَةٌ مَّا دَامَ هٰذَا فِيْكُمْ يعني جيستائين هي (يعني حضرت عمرِ فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ توهان جي وچ ۾ موجود آهن، توهان کي ڪو به فتنو نه پهچندو.[1]

## فاروقِ اعظم اسلام جو مضبوط قلعو

حضرت زيد بن وهب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اسان صحابي رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ حاضر هئاسين، مسلمانن

[1]...تاريخ دمشق، جلد:44، صفحه:334۔

جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو ذڪرِ خير ٿيو، سندن نالو ٻڌي حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ زار و قطار روئڻ لڳا، ايتري قدر جو سندن ڳوڙهن سان چٽائي آلي ٿي وئي. پوءِ پاڻ فرمايائون: بيشڪ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ اسلام لاءِ مضبوط قلعو هئا، جنهن ۾ ماڻهو داخل ته ٿي سگهندا هئا پر نڪري نه سگهندا هئا. افسوس! جيئن ئي حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو انتقال ٿيو، ماڻهو اسلام کان ٻاهر نڪرڻ لڳا.[1]

## اڄ اسلام ڪمزور ٿي ويو

جنهن ڏينهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو انتقال ٿيو، ان ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضاعي (يعني کير جي رشتي سان) والده حضرت اُمِّ اَيْمَن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا فرمايو: اَلْیَوْمَ وَہَی الْاِسْلَامُ يعني اڄ اسلام ڪمزور ٿي ويو.[2]

| | |
|---|---|
| بہارِ باغِ ایماں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں | چراغِ بزمِ عرفاں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں |
| عمر عامر ہیں دیں کے حق تعالیٰ ان کا ناصر ہے | دِلِ مومن کے تاباں حضرتِ فاروق اعظم ہیں[3] |

**وضاحت**: بيشڪ ايمان جي باغ جي رونق ۽ معرفت جي مجلس جو ڏيئو حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهن. اهي ئي آهن جن الله تعاليٰ جي نصرت سان اسلام کي طاقت بخشي ۽ مؤمنن جي دلين کي نور سان چمڪايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اي اهلِ محشر! هي عمر آهي!!...

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہما کان روايت آهي، روزِ قيامت جڏهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا، ان

[1]...طبقات الکبرى، ذکر استخلاف عمر، جلد:3، صفحه:283.
[2]...معجم کبير، جلد:25، صفحه:86، حديث:221.
[3]...ديوانِ سالک، صفحه:73-75.

وقت اسلام عرض ڪندو:يَا رَبِّ هٰذَا عُمَرُ اَعَزَّنِيْ فِيْ دَارِ الدُّنْيَا فَاَعِزُّهُ فِيْ عَرَصَاتِ الْقِيَامَةِ يعني اي ربِ رحمان ۽ رحيم! هي عمر آهي، هن دنيا ۾ منهنجي عزت بلند ڪئي، اڄ ميدانِ قيامت ۾ تون ڪيس عزت عطا فرماءِ.

ان سان گڏ ئي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي 2 جبا پهرايا ويندا، انهن جبن جي خوشبو اهڙي هوندي جو انهن مان هڪ به دنيا ۾ کولي ڇڏجي تہ سڄي دنيا ان جي مهڪ سان معطر ٿي وڃي. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي نوراني اڏاچيءَ تي ويهاريو ويندو، سندن اڳيان 70 هزار جهنڊا لهرائي رهيا هوندا، ان وقت ميدانِ محشر ۾ هڪ آواز گونجندو:يَاَهْلَ الْمَوْقَفِ هٰذَا عُمَرُ فَاعْرِفُوْهُ اي اهلِ محشر! هي عمر آهي، ڪيس سڃاڻي وٺو...![1]

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! حضرت عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، اسلام جي سربلنديءَ لاءِ ڪوشان رهيا- *پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ جنگين ۾ بہ شريڪ ٿيا *جان هٿيليءَ تي رکي اسلام جي خاطر وڙهيا *اسلام جي سربلنديءَ خاطر پاڻ پنهنجو پاڻ کي مشقت ۾ بہ وڌو *دنيا ۾ نظامِ عدل قائم ٿيو، ان لاءِ پاڻ بکيا بہ رهيا *تقريبن اڌ دنيا جو رعبدار خليفو هجڻ جي باوجود پاڻ پيوند لڳل ڪپڙا بہ پهريا *قربانيون ڏنيون *مشقتون برداشت ڪيون * پنهنجي خواهشن کي دٻائي هميشہ اسلام کي ئي سربلند ڪيو.

ان ۾ اسان لاءِ درس آهي، افسوس! اسان پنهنجي خواهشن جي تڪميل خاطر، پنهنجي آرام لاءِ، اسلام جي سربلنديءَ جي پرواهہ ناهيون ڪندا، اسان جي ڪردار کي ڏسي ڪافر اسلام کان نفرت ڪرڻ لڳندا آهن، افسوس! دنيا جي محبت، مال ۽ دولت جي حرص، پنهنجي انا لاءِ، ذات پات جي نالي تي بيجا جهيڙا، قتل ۽ غارت گري، دغابازي، ڪوڙ، بهتان تراشي، دوکيبازي،

[1]...الرياض النضرة، الباب الثانى، الفصل التاسع، ذكر نبذة من فضائله، صفحه:274بتغير قليل-

غرض اها کهڙي برائي آهي جيڪا اڄ مسلمانن جي ڪردار ۾ ڏسڻ ۾ نٿي اچي...!! ياد رکو! اسان جو منفي (Negative) ڪردار صرف اسان لاءِ نه، الله پاڪ جي پاڪيزه دين، دينِ اسلام جي حق ۾ نقصانڪار آهي، ماڻهو اسان مسلمانن کي ڏسي اسلام جي تصوير پنهنجن ذهنن ۾ ويهاريندا آهن.

## هڪ مُفَڪِّر انگريز جو عبرتناڪ جواب

شيخ الحديث، حضرت علامه عبد المصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي هڪ مُفَڪِّر انگريز جي ڳالهه بار بار ياد ايندي آهي، ان کان ڪنهن مسلمان پڇيو هو: توهان صاحبِ نظر (يعني عقلمند) آهيو، پوءِ مسلمان ڇو نٿا ٿيو؟ ان تي انگريز اهڙو عبرتناڪ جواب ڏنو جو اهو ٻڌي هر غيرتمند مسلمان جي پيشانيءَ تي ندامت سان پگهر اچي ويو. هن چيو: مان جڏهن ان اسلام کي ڏسان ٿو جيڪو اسلامي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته منهنجي دل ۾ اسلام جي حقانيت گهر ڪري وڃي ٿي، پر جڏهن مان ان اسلام کي ڏسان ٿو جنهن تي اڄ جا مسلمان عمل ڪري رهيا آهن ته منهنجي دل ۾ اسلام کان انتهائي نفرت پيدا ٿي وڃي ٿي.[1]

بَن گئے تنکے نشیمن کے قفس کی تیلیاں | بَن گیا کیا؟ ہم چلے تھے کیا بنانے کے لئے

**وضاحت:** اسان جو ارادو گهر اڏڻ جو هو، پر اهو قيد خانو بڻجي پيو. اسان ڇا پئي بڻايو ۽ اهو ڇا بڻجي ويو؟ مطلب ته اسان غلط واٽ جا راهي ٿي پياسين. جڏهن ته اسان کي ٻين لاءِ هڪ مثالي زندگي بڻجڻو هو، ته جيئن اسان جي ڪري اسلام کي عروج ملي، پر معاملو ئي بگڙجي ويو ۽ ماڻهو اسان جي ئي عملن سبب اسلام کان بيزار ٿيڻ لڳا.

اي عاشقانِ رسول! اسان مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو ذڪرِ خير ٻڌو، پاڻ سڄي زندگي اسلام جي سربلنديءَ لاءِ گذاري، اچو! اسان به دل مان دنيا جي محبت ڪڍون * مال ۽ دولت جي حرص

---

[1]...عرفانی تقریریں، بیان: زوال کے اسباب، صفحہ:101بتغیر قلیل۔

ڪان جان ڇڏايون * ذاتي جهيڳڙا ختم ڪري سڀ هڪ ٿي وڃون * اتحاد ۽ اتفاق سان سڀ عاشقانِ رسول ملي ڪري دين جي خدمت ڪيون * اسان پنهنجو ڪردار دين مطابق بڻايون * پنهنجا ڪم دين ۽ شريعت مطابق ترتيب ڏيون * پنهنجر چال چلت بدلايون * پنهنجو طرزِ زندگي (Lifestyle) اسلامي اصولن مطابق بڻايون * اچو! سنتن جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير بڻجون * مٿي تي عمامو هجي * چهري تي ڏاڙهي هجي * زبان تي سچائي هجي * ڪردار ۾ امانتداري * همدردي * رحم دلي * عدل ۽ انصاف هجي * دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت * لِلّٰهيت ۽ اخلاص هجي، اهڙيءَ طرح اسان پاڪيزه زندگي گذاريون، پاڻ به نيڪ بڻجون ۽ ٻين جي ترغيب (Motivation) جو سامان به بڻجون.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! گُناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!

لباس اپنا سنّت سے آراستہ ہو عِمامہ ہو سر پر سجا یاالٰہی!

سبھی رُخ پہ اک مُشت داڑھی سجائیں بنیں عاشقِ مصطفےٰ یاالٰہی!

ہو اَخلاق اچّھا ہو کردار سُتھرا مُجھے متّقی تُو بنا یاالٰہی![1]

## المدينہ آن لائن لائبريري

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جو آءِ. ٽي. ڊپارٽمينٽ ڏينهون ڏينهن اسان کي علمِ دين سکڻ جا آسان ذريعا فراهم ڪرڻ ۾ مصروف آهي. سَوَين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل المدينہ آن لائن لائبريري جيڪا پهرين صرف ڊيسڪ ٽاپ ورزن (Desktop version) ۾ هئي، هاڻي ويب ورزن (Web version) ۾ لائيو (Live) ڪري ڇڏي وئي آهي. المدينہ آن لائن لائبريري ۾ مڪتبة المدينہ جا مختلف موضوعن (مثال طور قرآن ۽ سنت، عقائدِ اسلام، فقہ ۽ فتاويٰ، اسلامي تعليمات، اخلاق ۽ آداب، سيرتِ رسولِ عربي، سيرتِ امهاتُ المؤمنين، سيرتِ صحابہ ۽ صحابيات، سيرتِ اولياءِ

[1] …وسائل بخشش، 102-104.

ڪرام، سيرتِ امير اهل سنت، ملفوظاتِ اميرِ اهل سنت ۽ فيضانِ مدني مذاڪرو، اوراد ۽ وظائف ۽ نعتيہ ڪلام وغيره) تي ٻڌل ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. المدينہ آن لائن لائبريري مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net/bookslibrary وزٽ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي پڄاڻيءَ طرف آڻيندي، اچو! هڪ شرعي مسئلو ٻڌون ٿا:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلطي جي نشاندهي)

مسئلو: نابالغ ڇوڪر کي سون جي منڊي پهرائڻ حرام آهي.

وضاحت: هي بہ عوام ۾ ملندڙ هڪ غلطي آهي تہ ٻار جي پيدائش تي ڇوڪري کي سون جي منڊي پهرائي ويندي آهي. ياد رکو! نابالغ ڇوڪري کي سون جي منڊي پهرائڻ بہ اهڙيءَ طرح ناجائز، گناهہ ۽ حرام آهي، جيئن ڪنهن بالغ کي سون جي منڊي پهرائڻ حرام آهي. اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بالغ ۽ نابالغ ۾ فرق ڪرڻ کان سواءِ مذڪر جي حق ۾ سون کي حرام قرار ڏنو آهي. انهيءَ ڪري نابالغ ڇوڪري کي بہ سون جي منڊي پارائڻ حرام آهي، البتہ نابالغ کي منڊي پارائڻ جي صورت ۾ اهو گناهہ ان ٻار تي نہ پر منڊي پارائڻ واري تي هوندو ڇاڪاڻ تہ نابالغ مڪلف ناهي يعني ان تي شريعت جا احڪام لازم ناهن[1]

صدر الشريعہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ڇوڪرن کي سون چانديءَ جا زيور پارائڻ حرام آهن ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو.[2] اللہ پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

[1]... دارُ الافتاء اہلسنت، غير مطبوع،ريفرنس نمبر:7892 ۔
[2]...بہارِ شريعت، جلد:3، صفحہ:428، حصہ:16۔

# اَسْمَاءُ الحسنيٰ جي برڪات (وظيفو)

## يَا بَصِيْرُ

جيڪو ڪو روزانو عصر جي وقت (يعني عصر جي وقت جي شروعات کان سج لهڻ تائين ڪنهن بہ وقت) 7 ڀيرا يَا بَصِيْرُ پڙهي وٺندو تہ اوچتي موت کان محفوظ رهندو.[1] اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:250۔